هفتيوار رسالو :338
WEEKLY BOOKLET:338

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامه مولانا ابو بلال محمد الياس
عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي ملفوظات جو تحريري گلدستو

# صدقي
## جي باري ۾ 25 سوال جواب

صفحا 17

صدقو ڏيڻ سان عمر ڪيئن وڌندي؟ 02
پکين کي صدقي جو گوشت کارائڻ ڪيئن؟ 11
حلال ۽ حرام جي مخلوط ڪمائي صدقو ڪرڻ ڪيئن؟ 06
عقيقو ڪرڻ جي بدران صدقو ڪرڻ ڪيئن؟ 17



پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوت اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلسنت کان صدقي جي باري ۾ 25 سوال جواب**
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# امير اهلسنّت کان صدقي جي باري ۾ 25 سوال جواب

**پيشڪش:** المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلِسنّت کان صدقي جي باري ۾ 25سوال جواب

دعاءِ خليفءِ عطّار: يا ربَّ المصطفٰي! جيڪو به مڪمل رسالو ”اميرِ اهلسنّت کان صدقي جي باري ۾ 25 سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن جي حلال رزق ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان ڪي راهِ خُدا ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان سِواء ڪو سايو نہ هوندو، تي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪئي وئي: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون :(1) اهو شخص جيڪو منهنجي اُمَّتي جي پريشاني پري ڪري :(2) منهنجي سُنّت کي زِنده ڪرڻ وارو :(3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السافرة، ص131،حديث :366)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: صدقي ۽ خيرات جي قبوليت جو معيار ڇا آهي؟

جواب: اخلاص سان جيڪو عمل ڪيو وڃي الله پاڪ جي رحمت سان ان ۾ قبوليت جي اميد تمام گهڻي آهي، ۽ جيڪڏهن اخلاص

ناهي ته پوءِ اهو رَد آهي، ان ۾ قبوليت ناهي. (نسائی، ص 510، حديث: 3137 ماخوذاً) جيئن ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ کنهن پيئسا ڏنا ته ثواب جي اميد ناهي. هتي ته حالات اهڙا آهن جو عام طور تي ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ئي ماڻهو پيئسا ڏيندا آهن، جيڪڏهن ماڻهو ڏسي ناهن سگهندا ته انهن کي ٻڌائيندا آهن ته "مون هي هي ڪيو آهي ۽ هيترو هيترو ڏنو آهي." جيڪڏهن ٻڌائڻ ۾ هيءَ نيّت آهي ته سامهون واري کي به رغبت ملي ته اها نيّت سني آهي ۽ ان تي ثواب ملندو، (احياء العلوم ، 390/3، احياء العلوم(مترجم)،940/3) پر رڳو هن نيّت سان ٻڌائڻ ته اهي مون کي سخي چون، دلير چون ته هي رِيا آهي، ان ۾ ثواب جي اميد ناهي. (فتاویٰ رضويه، 625/23ماخوذاً) "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ. (بخاری، 5/1، حديث: 1) (يعني اعمال جو دارومدار نيّتن تي آهي)." ننڍي کان ننڍو عمل جيڪو الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪيو ويو هجي ۽ ان ۾ غير جو عمل دخل نه هجي ته ان ۾ ثواب جي اميد ڪري سگهجي ٿي. اخلاص جون بيون به ڪوڙ ساريون تعريفون آهن. (مرقاة المفاتيح، 486/1) البت جيڪڏهن کنهن ڪم ۾ غير جو عمل دخل الله جي رضا جي لاءِ به شامل ٿي ويو ته صحيح آهي، مثال طور هڪ ٻانهي جي اسان ان ڪري مدد ڪئي ته جيئن ان جي دل خوش ٿي وڃي ۽ ان تي مون کي ثواب ملي ته هي به الله جي رضا وارو ڪم ٿي ويو، حالانڪ ان ۾ ٻانهي جي رضا به شامل آهي، پر ان ٻانهي جي رضا مان اصل مقصد الله کي راضي ڪرڻ آهي، ان ڪري هي به عبادت ٿي وئي. (ملفوظات امير اہل سنت، 234/5)

**سوال:** جڏهن انسان جي عُمر مُقرر آهي، ته صدقو ڏيڻ سان عُمر ڪيئن وڌندي؟

**جواب:** الله پاڪ جي علم ۾ آهي تہ ٻانهو ڪيتري عُمر ۾ فوت ٿيندو. ان جي عُمر ۾ اضافو ٿيڻو هوندو تہ اهڙا اسباب ٿي ويندا جو ان جي عُمر وڌي ويندي هي سڀ الله پاڪ جو نظامِ قدرت آهي. پر الله پاڪ جي علم ۾ هئڻ جو يا الله پاڪ جي مَشيت جو هي مطلب ناهي تہ ٻانهو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڪري ويهي رهي، جيڪڏهن بيمار هجي تہ علاج نہ ڪرائي ۽ سوچي تہ صحت ملڻي هوندي تہ ملي ويندي، هونئن بہ شفا الله پاڪ ئي ڏيندو آهي دوا کائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ظاهر آهي ڪو بہ هي ڳالهہ ٻڌي ڪري دوا نہ ڇڏيندو دوا سڀ ئي ڪائيندا! ها! ڪتابن ۾ مُتوڪلِين جي هڪ جماعت جا واقعات لکيل آهن جيڪي علاج ناهن ڪرائيندا ۽ الله پاڪ تي توڪل ڪندا آهن.[1] تي سگهي ٿو اهڙا ماڻهو هاڻي بہ هجن پر اٿي ۾ لوڻ برابر ئي هوندا. بهرحال! روايتن ۾ مختلف اعمال جي برڪت بيان ٿي آهي تہ ڪنهن سان عُمر ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ ڪنهن سان رزق ۾ وسعت ٿيندي آهي. جيئن تہ بهارِ شريعت جلد 3 صفحو نمبر 560 تي مسئلو نمبر 6: حديث ۾ آيو آهي تہ صلۀ رحمي يعني رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ سان عُمر ۾ اضافو ۽ رزق ۾ وسعت ٿيندي آهي. ( بخارى، 97/4، حديث: 5985ماخوذاً) ڪجهہ عالمن هن حديث کي ظاهري معنيٰ تي رکيو آهي يعني هتي قَضا مُعلَّق مُراد آهي ڇو جو قضا مُبرم ٽري ناهي سگهندي. ۽ ڪجهہ عالمن فرمايو تہ عُمر ۾ اضافي جو هي مطلب آهي تہ مرڻ کان بعد بہ ان جو ثواب لکيو ويندو آهي جڻ تہ اهو هاڻي بہ زندهہ آهي يا هي مُراد آهي تہ مرڻ کان

[1] حضرت سهل تُستري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي هڪ مرض هو سو اهو مرض جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي ٿي ويندو هو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جو علاج ڪندا هئا، پر خود پنهنجو علاج نہ ڪندا هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان ان باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: اي دوست! ”ضَرۡبُ الحَبِيبِ لَا يُوۡجَع“ يعني محبوب جي مارَ تڪليف ناهي ڏيندي. - (احياء العلوم، 68/5)

بعد بہ ان جو ذڪرِ خير ماڻھن ۾ باقي رھندو آھي،(ردالمحتار، 679-678/9 ملخصاً) (ملفوظات امير اہل سنت، 245/5)

**سوال:** صدقي ۽ خيرات ۾ چا فرق آھي؟

**جواب:** صدقو عربي ٻوليءَ جو لفظ آھي، اُردو ۾ صدقو ڪرڻ کي خيرات چوندا آھن. جڏھن تہ عربي ۾ خيرات ”خير“ جو جمع آھي جنھن جي معنٰي ڀلائي آھي. البت اُردو ۾ مالي مدد ڪرڻ کي خيرات چوندا آھن، جيئن جڏھن فقير کي پيئسا ڏيندا آھيون تہ ھي خيرات چورائيندي آھي. زڪوات بہ اردو جي لحاظ سان خيرات ئي ھوندي آھي.

**سوال:** صدقو چا کي چئبو آھي؟

**جواب:** صدقي جي حوالي سان ڪيئي ماڻھو ھي سمجھندا آھن تہ ڪاري ڇيلي يا ڪاري ڪڪڙ تي ھٿ ڦيرائي ڪري يا ڪا بہ شيءِ ست ڀيرا مٿي تان گھمائي ڪري ڏني وڃي تہ اھو ئي صدقو آھي. اھڙي طرح جي انداز ۾ ڪا شيءِ ڏيڻ صدقي سان گڏوگڏ ٽوٽڪو بہ آھي. اصل ۾ ھر اھا شيءِ جيڪا اللہ پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جي راھ ۾ ڏني وڃي، ڪنھن غريب جي مدد ڪئي وڃي يا چندي جي طور تي ڏني وڃي اھو سڀ صدقو آھي. ( ڪتاب التعريفات، ص 95) (ملفوظات امير اہل سنت، 390/6)

**سوال:** ڪجھ ماڻھو گوشت يا زندھ ڪڪڙ پنھنجي مٿي تان گھمائي ڪري جنگل ۾ اڇلائي ڇڏيندا آھن ۽ چوندا آھن تہ پوئتي مُڙي ڪري ناھي ڏسڻو چا ھي درست آھي؟

**جواب:** صدقي جا ڪيئي اقسام آھن فرض صدقو جيئن تہ زڪوات، واجب صدقو جيئن تہ فطرو ۽ ٻيا واجب صدقا. نفلي صدقو جيئن ڪنھن غريب کي ثواب جي نيّت سان رقم ڏيڻ جنھن کي اُردو ۾

خيرات چيو ويندو آهي هي بہ صدقو ئي آهي. ان کان علاوه صدقي جون ڪجهہ ٻيون بہ صورتون آهن جيئن تہ جان جو صدقو ڏيڻ وغيره. جيڪڏهن جان جو صدقو ڏيٹو هجي تہ فتاوٰي رضويہ شريف ۾ آهي تہ جان جي بدلي هيئن جان جو صدقو ڏنو وڃي جو حلال جانور ذبح ڪري ڏنو وڃي. ( فتاوىٰ رضويہ ،186/24 ماخوذاً) تنهنڪري جان جو صدقو ڪڍڻ جي لاءِ ٻيلو يا ڪڪڙ ذبح ڪري ڏيڻ گهٽو سٺو آهي ۽ زنده ڏيڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي. اهڙيءَ طرح رقم، ڪپڙا ۽ اناج وغيره شيون بہ ڏئي سگهجن ٿيون. سوال ۾ جيڪي صدقي جون صورتون ٻڌايون ويون اهي عامل بابا جا ڏوڪا آهن انهن کي اختيار ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. صدقو ڪڍڻ جي لاءِ زنده ڪڪڙُ اڇلائي ڇڏڻ يا ٻيلي جي منڊي پاوا قبرستان ۾ دفن ڪرڻ مال کي ضايع ڪرڻ آهي ۽ اهڙو صدقو جنهن ۾ مال کي ضايع ڪيو وڃي حرام آهي. ( فتاوىٰ رضويہ ،455/20 ماخوذاً)

رهي ڳالهہ پوئتي مُڙي ڪري نہ ڏسڻ جي تہ مون کي لڳي ٿو تہ هي عامل بابا ماڻهن تي تاثر (Impression) وجهڻ جي لاءِ چوندا هوندا تہ ڪُڪڙ اڇلائي ڇڏجانءِ ۽ پوئتي مڙي ڪر نہ ڏسجانءِ. ۽ هي بہ ممڪن آهي تہ عامل بابا اهڙي جڳهہ ڪڪڙ يا ٻيلو اڇلرائي رهيا هجن جو جتي پهريان کان ئي عامل بابا جا ماڻهو موجود هجن تہ جيئن ئي ٻيلو يا ڪڪڙ ڇڏيو وڃي اهي ان کي پڪڙي ڪٽي وڃن تنهنڪري عامل ان خوف کان تہ جيڪڏهن ڪڪڙ يا ٻيلو ڇڏڻ واري مُڙي ڪري ڏسي ورتو تہ ڪٿي منهنجو راز نہ کُلي وڃي. ان ڪري صدقو ڪڍڻ واري کي هي چئي ڪري خوفزده ڪري ڇڏيندا هوندا تہ پوئتي مُڙي ڪري نہ ڏسجانءِ ۽ جيڪڏهن ڏسڻ تي ڪجهہ ٿيو تہ مون کي نہ چئجانءِ.

ڪجهہ صورتن ۾ ”مُڙي ڪري نہ ڏسڻ“ چوٽي طور بہ استعمال

ٿيندو آهي جيئن تہ هي چيو ويندو آهي ”راهِ خُدا ۾ ڏنو تہ مُڙي ڪري نہ ڏسو“ ان مان مُراد هي هوندو آهي تہ راهِ خُدا ۾ ڏيڻ کان بعد اها تَمنا نہ ڪيو تہ مون کي واپس ملي وڃي يا مان واپس وٺان وغيره. بهرحال عامل بابا جيڪو چوندا آهن تہ ”پوئتي مُڙي ڪري نہ ڏسو“ هن ۾ انهن جي ڪهڙي حڪمت آهي مون کي معلوم ناهي ۽ هن جي متعلق جيڪي ڳالهيون مون ذڪر ڪيون هي سڀ تفريح طور آهن. (ملفوظات امير اہل سنت، 249/1)

**سوال:** ڇا گهر ۾ موجود صدقي جي رقم استعمال ڪري سگهون ٿا؟

**جواب:** جيڪڏهن نفلي صدقي جي نيّت سان گهر ۾ رقم رکي هئي تہ ”هيءَ رقم راهِ خُدا ۾ خرچ ڪندُس يا حضورِ غوثِ پاڪ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ جو نياز ڪندُس“ تہ اهڙي صورت ۾ اهو پاڻ ان رقم جو مالڪ آهي، ان جي لاءِ بهتر اهو ئي آهي تہ جنهن نيڪ ڪم جي نيّت سان رقم رکي آهي انهيءَ ۾ خرچ ڪري، پر جيڪڏهن اها رقم پنهنجي ڪنهن ڪم ۾ خرچ ڪري ٿو تڏهن بہ ڪو حرج ناهي.

(ان موقعي تي مُفتي حسّان صاحب فرمايو:) اڄڪلھ جيڪي اسان وٽ صدقہ باڪس رکيا ويندا آهن جيڪڏهن ان ۾ صرف پنهنجي ذاتي رقم هجي تہ چاهي اها صدقۂ نافلہ هجي يا صدقۂ واجبہ، ٻنهي صورتن ۾ جيستائين صدقو ادا ناهي ڪيو ان وقت تائين رقم استعمال ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (ملفوظات امير اہل سنت،62/10)

**سوال:** حلال ۽ حرام جي ڪمائي کي جيڪڏهن مڪس ڪري صدقو ڪيون تہ ڇا اهو قبول ٿي ويندو؟

**جواب:** حلال حلال آهي ۽ حرام حرام آهي. اللّٰہ ڪريم پاڪ آهي ۽

پاڪ مال کي ئي قبول ڪندو آهي.[1] حرام مال تہ ڪنهن کان ڦريل يا رشوت جو هوندو آهي تنهنڪري جنهن کان اهو مال ڦريو يا ورتو آهي ان کي واپس ڏيڻ لازم آهي. جنهن کان ورتو هو جيڪڏهن اهو فوت ٿي ويو هجي تہ ان جي وارثن کي ڏيڻ لازم ٿيندو. جيڪڏهن ان جو ڪو وارث نہ ٿو ملي يا جنهن کان ورتو هو اهو غائب ٿي ويو يا خبر ئي ناهي تہ ڪنهن کان ورتو هو تہ هاڻي اهو مال صدقو ڪرڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن کان وياج ورتو آهي تہ ان کي بہ ڪنهن شرعي فقير تي صدقو ڪري ڇڏي جو وياج بہ قطعي حرام آهي، پر ان ۾ هي ضروري ناهي تہ جنهن کان ورتو آهي ان کي ئي واپس ڪري بلڪ جنهن کان ورتو آهي ان کي واپس ڪرڻ بهتر آهي. ( فتاوىٰ رضويہ، 23/551-552 ملخصاً)

## حرام مال صدقو ڪرڻ وقت ثواب جي نيّت بہ نہ ٿا ڪري سگهو

ياد رهي حرام مال صدقو ڪندي ثواب جي نيّت نہ ٿي ڪري سگهجي البت جنهن شريعت جي حڪم تي عمل ڪيو يعني شريعت حرام مال کي واپس ڪرڻ يا ڪنهن فقير تي صدقو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي تہ ان حڪم تي عمل ڪرڻ جي وجهہ سان ثواب

[1] حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو حلال ڪمائي مان ڪجور جي برابر صدقو ڪري ۽ الله پاڪ صرف حلال کي ئي قبول ڪندو آهي، تہ الله پاڪ ان کي ساڄي هٿ ۾ قبول ڪندو (يعني راضي ٿي ويندو) آهي پوءِ صدقي واري جي لاءِ ان جي اهڙي پرورش ڪندو آهي جيئن توهان مان ڪو پنهنجي گهوڙي جي ڦَرَ جي پرورش ڪندو آهي ايستائين جو اهو صدقو پَهاڙ جيان ٿي ويندو آهي. (ابن حبان، 134/5، حديث: 3308)
حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو حرام مال جمع ڪري پوءِ ان مان صدقو ڏي تہ ان ۾ ان جي لاءِ ڪو اجر ناهي ۽ ان جو وبال انهيءَ تي هوندو. (سنن الکبرى للبيهقى، 141/4، حديث: 7240)

جي اميد آهي پر جيڪو مال ان ڏنو آهي ان تي ثواب جي نيّت نہ ٿي ڪري سگهجي. (فتاوىٰ رضويہ، 658/19) ڪجھ ماڻھو وياج جا پيئسا بغير ثواب جي نيّت جي استنجا خانو نهرائڻ ۾ لڳائيندا آهن هي بہ جائز ناهي.[1]

**سوال:** صدقو ڪهڙيءَ طرح ڪيو وڃي جو بيماري دور ٿي وڃي؟

**جواب:** اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي جان جو صدقو جانور جيئن ڇيلو يا ڪڪڙ وغيره ذبح ڪري ڏيڻ بهتر آهي. بهرحال فتاوٰي رضويہ ۾ آهي: ”شيريني (يعني مني شيءِ) يا فقيرن کي کاڌو کارايو تہ صدقو آهي ۽ اقارب (يعني رشتيدارن کي کارايون) تہ صلہءِ رحم (يعني رشتيدارن سان سنو سلوڪ آهي) ۽ احبابن کي (يعني دوستن کي کارايون) تہ ضيافت (يعني انهن جي دعوت آهي). ۽ هي ٽئي ڳالهيون (يعني فقيرن کي کارائڻ، رشتيدارن کي کارائڻ ۽ دوستن کي کارائڻ) موجبِ نزولِ رحمت (يعني رحمت نازل ٿيڻ) ۽ دفعِ بلا و مصيبت (يعني بلائون ۽ مصيبتون ٽرڻ جو سبب) آهن. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) اهو ئي حال ٻڪري ذبح ڪري کارائڻ جو آهي. پر تجربي مان ثابت ٿيو آهي تہ جان جو صدقو ڏيڻ وڌيڪ فائدو رکي ٿو (يعني ٻڪري ذبح

---

[1] اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان حرام ذريعي سان حاصل ٿيڻ واري مال ۽ وياجي رقم کي مسجد جي ڪنهن ڪم ۾ استعمال ڪرڻ بابت سوال ٿيو، جنهن جي جواب ۾ پاڻ ارشاد فرمايائون: جيڪو مال بعينہٖ (خالص) حرام هجي اهو انهن ڪمن (يعني مسجد جي تعمير ۽ توسيع) جي لاءِ وٺڻ بہ حرام آهي، ۽ جنهن جي طرف هي معلوم نہ هجي تہ هي خاص حرام مال آهي ان (مال) جي وٺڻ ۾ مضائقو ناهي، وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ-(فتاوىٰ رضويہ، 427/16) پڻ مُفتيءِ اعظم پاڪستان، مُفتي وقار الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وياج جي رقم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو طريقو بيان ڪندي فرمائن ٿا: وياج جي رقم ڪنهن غريب حاجت مند کي جيڪو زڪوات وٺڻ جو حقدار آهي، مالڪ بڻائي ڪري ڏني وڃي ۽ هن ۾ ثواب جي نيّت نہ رکي وڃي جو حرام مال ثواب جو ذريعو نہ ٿو بڻجي سگهجي، بلڪ هي نيّت ڪري تہ منهنجي مال ۾ جيڪا ناپاڪي شامل ٿي وئي هئي ان کي ڪڍي ڪري پنهنجو مال پاڪ ڪري رهيو آهيان. هن وياجي پيسن کي ڪنهن اهڙي ڪم ۾ خرچ نہ ٿا ڪري سگهون جتي ڪو مالڪ ناهي هوندو مثال طور مسجد، مدرسو، کوھ ۽ رستو وغيره بنائڻ ۾ خرچ ڪرڻ بلڪ شخصي ملڪيت ۾ ڏيڻ ضروري آهي.وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ(وقار الفتاوىٰ، 243/1)

ڪري ڪارايون ته گهڻو فائدو ٿيندو آهي ۽ بلائون تيزيءَ سان ٽري ويندريون آهن)." (فتاوىٰ رضويہ، 24/185-186 ملتقطاً) البت هي ضروري ناهي ته خود مريض ذبح ڪري، بلڪ جنهن کي جانور ڏنو ان کي به چئي سگهجي ٿو ته هو جانور کي ذبح ڪري. (ملفوظات اہل سنّت، 10/464)

**سوال:** ڇا مدني عطيات باڪس ۾ يارهين شريف جي نيّت سان رقم وجهي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها! مدني عطيات ۾ يارهين شريف يعني غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايصالِ ثواب جي نيّت سان رقم وجهي سگهو ٿا بلڪ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ايصالِ ثواب جي نيّت سان رقم وجهنداسين ته ثواب وڌي ويندو. البت هن ۾ زڪوات جي رقم نه ٿا وجهي سگهون. (ملفوظات امير اہل سنت، 1/432)

**سوال:** ڇا ٻوٽا لڳائڻ جا به فضائل آهن؟[1]

**جواب:** جي ها! مبارڪ حديثن ۾ ٻوٽا لڳائڻ جا فضائل به بيان ٿيا آهن. ٻوٽا لڳائڻ جي فضائل تي ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندا: (1) جيڪو مسلمان وڻ لڳائي يا فصل پوکي پوءِ ان مان جيڪو پکي يا انسان يا چوپايو کائي ته اهو ان جي طرف کان صدقو شمار ٿيندو. ( بخاری،2/85،حديث:2320) (2) جنهن کو وڻ لڳايو ۽ ان جي حفاظت ڪئي ۽ سار سنڀار تي صبر ڪيو ايستائين جو اهو ميوو ڏيڻ لڳو ته ان مان ڪاڏو ويندڙ هر ميوو الله پاڪ جي ويجهو ان (لڳائڻ واري) جي لاءِ صدقو آهي. ( مسنداماماحمد ، 5/574،حديث:16586) (3) جنهن ڪنهن ظلم ۽ زيادتي جي بغير ڪو گهر نهرايو يا ظلم ۽ زيادتي جي بغير ڪو وڻ پوکيو، جيستائين الله پاڪ جي مخلوق مان ڪو

---

[1].. هي سوال شعبي ملفوظاتِ اميرِ اهلسنّت جو قائم ڪيل آهي ۽ جواب اميرِ اهلسنّت جو عنايت ڪيل آهي.

هڪ ٻہ ان مان نفعو ڪٺندو رهندو تہ ان (لڳائڻ واري) کي ثواب ملندو رهندو. (مسندامام احمد، 309/5،حديث:15616) (ملفوظات امير اہل سنت، 101/1)

**سوال:** مسجد ٺاهڻ جي ڇا فضيلت آهي؟

**جواب:** مسجد ٺاهڻ صدقۂ جاريہ آهي. مسجد ٺاهڻ واري کي جنّت ۾ عاليشان محل عطا ڪيو ويندو.[1] مسجد ٺاهڻ واري کي ملڻ واري ثواب جو اندازو نہ ٿو ڪري سگهجي ڇو جو مسجد قيامت تائين جي لاءِ مسجد هوندي آهي ۽ جنهن مسجد ٺاهي هوندي ان کي قيامت تائين ان جو ثواب ملندو رهندو. تنهنڪري جيڪي مُخَيَّر حضرات آهن انهن کي گهرجي تہ پنهنجي زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مسجد ضرور ٺاهن جيڪا انهن جي لاءِ صدقۂ جاريہ ٿي سگهي. مسجد ٺاهڻ جي لاءِ ضروري ناهي تہ ڪروڙين رپيا خرچ ڪري نقش و نگار سان ئي مسجد ٺاهي وڃي بلڪ ڪجھ لکن ۾ بہ مسجد ٺاهي سگهجي ٿي. ڪجھ علائقن ۾ زمين جي قيمت تمام گهٽ هوندي آهي ۽ ڪجھ علائقن ۾ تمام گهڻي، تہ جنهن جي جيتري گُنجائش هجي اهو انهيءَ جي مطابق زمين خريد ڪري مسجد ٺاهي.

مسجد اهڙي جڳھ نهرائڻ گهرجي جتي آبادي هجي، جنگل يا ويراني ۾ مسجد نهرائڻ جائز ناهي. ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن جنگل، غيرآبادي، ويراني ۾ مسجد نهرائي تہ اتي مسجد جي نيّت

---

[1] .. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مسجد ٺاهي تہ الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ محل ٺاهيندو. (مسلم، ص214، حديث:1190)

ڪرڻ جي باوجود مسجد نہ چورائيندي.[1] پڻ ان تي لڳڻ واري تمام رقم بہ ضايع ٿي ويندي ۽ آبادي نہ هجڻ جي ڪري اها عمارت جانورن جو نڪاڻو بڻجي سگهي ٿي. ها! جيڪڏهن ڪنهن اهڙي علائقي ۾ مسجد نهرائي جتي مسجد بڻائڻ وقت تہ آبادي هئي پر بعد ۾ اهو علائقو ويران ٿي ويو تہ اها جڳهہ پهريان جيان مسجد ئي رهندي ڇو جو جڏهن ڪنهن جڳهہ مسجد جي نيَّت ڪئي وڃي تہ اها قيامت تائين جي لاءِ مسجد ٿي ويندي آهي. (بہارِ شريعت،561/2، حصہ:10ماخوذاً) (ملفوظات امير اہل سنت، 182/1)

**سوال:** صدقو لڪائي ڪري ڏيڻ افضل آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جي اجتماع(ميڙ) ۾ چيو ويندو آهي تہ اوهان نيّت ڪري ونو يا ڪو اعلان ڪيو تہ ان وقت اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** صدقو ڏيڻ جون مختلف صورتون هونديون آهن. ڪٿي لڪائي ڪري ڏيڻ افضل هوندو آهي ۽ ڪٿي سيني جي سامهون ڏيڻ افضل هوندو آهي. اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ (يعني اعمال جو دارومدار نيّتن تي آهي). (بخاری، 5/1، حديث: 1) صدقو لڪائي ڪري ڏيڻ جا پنهنجا فضائل آهن ڇوتہ لڪائي ڪري صدقو ڏيڻ الله پاڪ جي غضب کي ٿڌو ڪندو آهي ( ترمذی، 146/2،حديث: 664) ائين ئي اعلانيہ(ظاهر) صدقو ڏيڻ جا پنهنجا فضائل آهن مثال طور جيڪڏهن ڪنهن سيني جي سامهون ان ڪري صدقو ڏنو تہ ٻين کي بہ ترغيب ملي، ٻين جو بہ ڏيڻ جو جذبو وڌي تہ ظاهر آهي تہ هي ثواب جو ڪم آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن صدقو ان ڪري ظاهر ڪري ڏنو جو ماڻهو مون

---

[1] .. ڪنهن شخص جنگل يا ويراني ۾ مسجد ٺاهي جتي ڪنهن جي رهائش نہ هجي ۽ ماڻهن جو اتان گذر بہ گهٽ هجي تہ اها مسجد نہ ٿيندي ڇو جو ان جڳهہ مسجد ٺاهڻ جي حاجت ناهي.

کي سخي ۽ دلير سمجهن ته ان غلط کم کيو چوته عبادت سان کنهن جي دل ۾ پنهنجو احترام پنهنجي عزّت ناهڻ وارو رياڪار ۽ جهنّم جو حقدار آهي. هر هڪ پنهنجي نيّت تي غور ڪري وٺي ته اهو ڪهڙي نيّت سان عَلَي الاِعلان صدقو ۽ خيرات ڪري رهيو آهي. ياد رکو! صدقي جي لاءِ نه ئي اهڙو ڪارو چيلو ڏيڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ هڪ وارُ به اچو نه هجي ۽ نه ئي ڪاري ڪُڪڙ کي مٿي تي گهمائي ڪري ڏيڻ جي حاجت آهي بلڪ جيڪو به الله پاڪ جي راهه ۾ ڏنو وڃي اهو صدقو آهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 401/1)

**سوال:** صدقو ڏيڻ الله پاڪ کي قرض ڏيڻ جيان آهي، ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** (اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ويجهو وينل مُفتي صاحب فرمايو:) قرآنِ پاڪ ۾ آهي: وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ (سيپارو: 29، المزمل: 20)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ الله کي سهڻي نموني قرض ڏيو. هن جي تفسير الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ آهي، هي قرض جي اندر اچي ٿو. (اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو:) هي الله پاڪ جو ڪرم آهي جو پاڻ ئي ڏي ٿو ۽ پاڻ ئي پنهنجي راهه ۾ خرچ ڪرڻ تي ثواب ۽ جنّت جا وعدا فرمائي ٿو. اسان ڪنهن کي ڪجهه ڏينداسين ته خبر ناهي اسان جي ذهن ۾ ڇا ڇا هوندو؟ پر الله پاڪ جو شان ڏسو جو پنهنجي ڪريمي شان سان خوب نوازيندو آهي.

ملفوظات امير اہل سنت، 408/1)

**سوال:** پڪين کي صدقي جو گوشت ڪارائڻ ڪيئن؟

**جواب:** ڪجهه ماڻهو ڳِجهن، ڪانوَن کي صدقي جي نيّت سان اڇلائي ڪري گوشت ڪارائيندا آهن هي غير مُسلمن جو طريقو

آهي.[1] (ملفوظات امير اہل سنت، 167/2)

**سوال:** قرضِ حسنہ ڇاکي چئبو آهي؟

**جواب:** قرضِ حسنہ جي باري ۾ اسان وٽ عوام ۾ هي مشهور آهي تہ قرضِ حَسنہ اهو هوندو آهي جنهن کي ڏئي ڪري ويساري ڇڏيو، جيڪڏهن مقروض ڏيڻ چاهي تہ ڏئي ڇڏي ۽ جيڪڏهن نہ ڏيڻ چاهي تہ نہ ڏي، هي قرضِ حَسنہ جي عوامي تعريف آهي حالانڪہ هر قرض قرضِ حسنہ يعني سٺو قرض هوندو آهي جيڪو مسلمان کي ان جي خيرخواهي جي نيّت سان ڏنو وڃي ۽ وياج کان پاڪ هجي. (ان موقعي تي مدني مذاڪري ۾ شريڪ مُفتي صاحب فرمايو:) قرضِ حسنہ جي هڪ تفسير صدقاتِ واجبہ کان علاوه نفلي صدقات سان ڪئي وئي آهي. (تفسير کبير،پ2،البقرة،تحت الآية:245 ، 499/2) مثال طور نفلي صدقو ڪرڻ، پنهنجي رشتيدار تي خرچ ڪرڻ ۽ جن جو نفقو لازم آهي انهن تي خرچ ڪرڻ وغيره. ڪجھ عالِمن جي ويجهو هر اهو مال جيڪو اللّٰه پاڪ جي راھ ۾ خرچ ڪيو وڃي ان کي قرضِ حسنہ چوندا آهن.

( کنز العمال، الجزء:2، 154/1،حديث:4220) (ملفوظات امير اہل سنت، 239/2)

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ٻئي شخص جي مالي مدد ڪري ٿو ۽ انهن ٻنهي کان علاوه ڪنهن بہ ٽئين شخص کي ان جو علم ناهي تہ ڇا ان کي لڪيل صدقو چيو ويندو يا وٺڻ واري جي علم ۾

---

[1]…(ڳِجهن، ڪانون کي گوشت کارائڻ جي متعلق اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان ٿيڻ وارو سوال ۽ جواب ملاحظہ فرمايو: سوال: اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ماٺهو ٻڪرو گهرائي ڪري ۽ ان کي چوڪري يا چوڪريءَ جي نالي تي ذبح ڪري ڪجھ گوشت ڳِجُهن، ڪانون کي کارائيندا آهن، ۽ ڪجھ فقيرن ۾ ورهائيندا آهن، هي فعل ڪيتري حد تائين صحيح آهي؟ جواب: مسڪينن کي ڏيو، ڳِجُهن، ڪانون کي کارائڻ ڪا معنٰي نہ ٿو رکي، هي فاسق آهن، ۽ ڪانون کي کارائڻ هندن جي رسم آهي. وَاللهُ تَعَالٰی اَعۡلَم - (فتاوىٰ رضويہ، 20 /590)

بہ آڻڻ بغير ڏنو وڃي تہ لڪيل صدقو چورائيندو جيئن ڪنهن نابينا ڪي رقم ڏني وڃي؟

جواب: واقعي هي هڪ مسئلو آهي تہ لڪيل جي تعريف ڇا آهي ۽ ڪهڙيءَ طرح ڏيڻ ڪي لڪيل چيو ويندو؟ هڪ ڪي بہ خبر نہ پوي شايد نفس ڪي هي پسند نہ هجي ڪنهن نہ ڪنهن ڪي ٻڌائي ڇڏيندا آهن مثال طور چوندا تہ "مون ڪي الياس جي هٿ ۾ رقم ڏيٺي آهي" هن طرح مون ڪي تہ خبر پوندي تہ ان بہ لک رپيا ڏنا آهن. يا ڪنهن ڪي ٻڌائي ڪري چوندا تہ ڪنهن ٻئي ڪي نہ ٻڌائجانءِ تہ مون ڪي هيتري هيتري رقم ڏيٺي آهي، مثال طور مون وٽ هڪ لک روپيا رقم تحفي طور آئي تہ مان پنهنجي ويجهي شخص ڪي ڏيان ۽ ان ڪي چئي ڇڏيان تہ هي فيضانِ مدينہ ۾ ڏئي ڇڏجان ۽ منهنجو نالو نہ ٻڌائجانءِ پر هن صورت ۾ بہ جنهن ڪي ڏئي رهيو آهيان ان کان لڪيل نہ رهندو. جيڪڏهن هيئن چيو وڃي تہ "هي رقم فيضانِ مدينہ جي چندي جي باڪس ۾ وجهي ڇڏجانءِ يا قافلن جي مد ۾ جمع ڪرائي ڇڏجانءِ" ۽ ان ڪي ٻڌايو نہ وڃي تہ هي رقم ڪنهن جي طرفان آهي تہ اهو هي سمجهندو تہ شايد هي رقم ڪنهن ڏني هوندي، هن طرح حڪمتِ عملي سان بہ رقم لڪائي ڪري ڏئي سگهجي ٿي. ائين خاموشي سان پاڻ ئي چندي جي باڪس ۾ رقم وجهي سگهجي ٿي.

(امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ويجهو وينل مُفتي صاحب فرمايو:) لڪيل صدقو ڏيڻ واري ڳالھ عرش جي ڇانوَ ۾ جڳھ ملڻ واري حديث ۾ ڪئي وئي آهي اها هن طرح آهي تہ ساڄي هٿ سان صدقو ڏي تہ کاٻي هٿ ڪي معلوم نہ ٿئي تہ ان ڇا خرچ ڪيو. لڪيل جي عام طور تي هيءَ ئي معنٰي آهي تہ ڪنهن بہ ٻئي ڪي خبر نہ پئي پر جيڪڏهن ڪا اهڙي ضرورت پيش آئي تہ ٻڌائڻو پوندو ۽ ان جي

بغير کا راهه ناهي، مثال طور رقم کنهن اهڙي شخص تائين پهچائڻي آهي جنهن تائين اهو پاڻ نہ ٿو پهچائي سگهي تہ اهڙي شخص کي ڏئي ڇڏي جيڪو ان شخص تائين پهچائي ۽ ان کي هي ٻڌائي تہ متعلقہ کي خبر نہ پوي تہ کنهن ڏني آهي تہ اميد آهي هي بہ لڪيل صدقي ۾ ئي ايندو.

(امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو:)''اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ. (يعني اعمال جو دارومدار نيّتن تي آهي) (بخاری، 5/1، حديث: 1) ظاهر آهي جيڪڏهن اتي ڪري اعلان ڪري ٿو تہ مان هڪ لک روپيا ڏئي رهيو آهيان ۽ ان جي رياڪاري جي نيّت نہ هجي تہ هي بہ جائز آهي جيتوڻيڪ هي اعلان لڪيل نہ چورائيندو پر ان ۾ ثواب ملڻ جي اميد موجود آهي. جيڪڏهن اعلان انڪري ڪري رهيو آهي تہ هي پاڻ اهڙو شخص آهي جنهن کي ڏسي ڪري ٻين کي ترغيب ملندي ۽ اهي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم راهِ خُدا ۾ ڏيندا ۽ ڏيکاءُ مقصود ناهي تڏهن بہ ڪو گناهہ ناهي بلڪ ثواب جي ئي اميد هوندي. (ملفوظات امير اہل سنت، 246/3)

**سوال**: جهڙيءَ طرح اخلاص جون ڪيفيتون ماڻهن جي اعتبار سان مختلف هونديون آهن ڇا صدقو وغيره پوشيده(لڪيل) رکڻ جي اعتبار سان بہ هي ڪيفيتون مختلف هونديون؟ جيئن رقم ڏيڻ وارو هي حيلو ڪري تہ پهريان ڪنهن کي هي رقم هونئن ئي ڏئي ڇڏي ۽ پوءِ ان کان واپس وٺي ڪري صدقي جي لاءِ ڏئي ڇڏي ۽ چئي هي رقم مون کي ڪنهن ڏني هئي، اهڙي طرح جيڪڏهن هيئن ڪري تہ جنهن کي ڏيڻي آهي اهو نماز پڙهي رهيو هجي تہ ان جي جوتن وٽ رقم رکي ڇڏي يا پيرن وٽ رکي ڇڏي يا ان جي گهر ۾ رکرائي ڇڏي جيئن تہ بزرگانِ دين رَحْمَةُ الله عَلَيْهِم جا اهڙا اعمال هوندا هئا.

**جواب**: ڪتابن ۾ بزرگانِ دين رَحْمَةُ الله عَلَيْهِم جا اهڙا انداز لڪيل آهن پر

جيڪڏهن اڄ ڪنهن جي جوتن ۾ هن طرح ڪجهه رکنداسين تہ ويچارو سوچ ۾ پئجي ويندو خبر ناهي ڇا آهي؟ اهڙي طرح ڪنهن جي گهر ۾ وجهنداسين ۽ ان جي گهر ۾ ڪو مهمان اچي تہ اهي سمجهندا تہ شايد هي رقم مهمانن جي ڪِري پئي آهي ۽ اهي ان کي لُقطو سمجهندا. بزرگانِ دين رَحمَةُ الله عَلَيهِم جي متعلق جيڪو لکيل آهي تہ هي ماڻهن جي گهر ۾ رکي ويندا هئا تہ ٿي سگهي ٿو اهي بزرگ ان سان گڏوگڏ چٺي تي لکي بہ رکندا هجن، پڻ ڪنهن نابينا کي بہ صدقو ڏئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪو فيضانِ مدينہ ۾ ڏيڻ چاهي تہ اتي موجود مختلف چندي جي باڪسز ۾ بہ وجهي سگهي ٿو. ظاهر آهي جيڪڏهن خاموشيءَ سان ڪجهه رقم وجهندو تہ ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ 10 جو نوٽ وڌو آهي يا هزار (1000) جو تہ ايئن خاموشي سان رقم ڏئي سگهجي ٿي. عام طور ائين ناهي ٿيندو گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن جي هٿ ۾ اها رقم ڏني وڃي تہ جيئن ان کي تہ معلوم هجي تہ هي ڪنهن رقم ڏني آهي. واقعي رياڪاري ۽ ڏيکاءُ ايترو رڳ رڳ ۾ سمايل آهي جو جيستائين هڪ نہ هڪ کي خبر نہ پئجي وڃي مزو ئي ناهي ايندو. الله پاڪ اخلاص نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ. (ملفوظات امير اہل سنت، 248/3)

**سوال:** نفلي صدقو ڪهڙن ماڻهن کي ڏيڻ گهرجي؟

**جواب:** ڪنهن غريب رشتيدار کي ڏئي ڇڏيو. جيڪڏهن سيّد صاحب کي ڏيڻ چاهيو تہ انهن کي بہ ڏئي سگهو ٿا، ڇوتہ نفلي صدقو انهن کي ڏئي سگهجي ٿو. (فتاویٰ رضويہ، 309/10) جنهن کي صدقو ڏيو انهن کي هي چوڻ ضروري ناهي تہ هي صدقو يا خيرات آهي، ڇوتہ ٿي سگهي ٿو انهن کي سٺو نہ لڳي. اوهان جيڪڏهن چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي صدقہ باڪس يا لنگرِ رضويہ جي باڪس ۾ بہ نفلي صدقو وجهي

سگهو ٿا، چوته اسان کي سڄو سال ٿي هن جي ضرورت رهندي آهي ۽ رمضان ۾ ته سحري ۽ افطاري جي مد ۾ ڪروڙين روپيا خرچ ٿيندا آهن. هي ڳالهه ياد رهي ته صدقه باڪس يا لنگرِ رضويه جي مد ۾ زڪوات جا پيئسا نه ڏجو، نه ته اوهان جي زڪوات ضايع ٿي ويندي. پنهنجي ڪيسي جي خرچي مان حلال ۽ صاف سٿرو مال نفلي صدقي ۾ ڏيو، راهِ خُدا ۾ ڏيڻ سان مال وڌندو آهي، گهٽجندو ناهي. چاهيو ته پنهنجي آمدني جو One Percent (يعني هڪ فيصد) ئي نفلي صدقي جي لاءِ مُقرر ڪري ڇڏيو، الله پاڪ توفيق ڏي ته فيصد ۾ اضافو ڪري ڇڏيو جو جيتري ماڪي وجهبي اوترو مٺو ٿيندو. اسلامي ڀينرُن کي به گهرجي ته پنهنجي ڪيسي جي خرچ مان ڪجهه حصو مُقرر ڪري نفلي صدقو ڏينديون ڪَن، ان جي لاءِ گهر ۾ صدقه باڪس به رکي سگهجي ٿو. (ملفوظات امير اہل سنت، 401/3)

**سوال:** صدقو ڪري ماڻهن کي ٻڌائڻ ڪيئن؟[1]

**جواب:** بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم صدقو لڪائي ڪري ڏيندا هئا ته جيئن ڪنهن کي خبر نه پئجي سگهي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن جنهن کي صدقو ڏنو ويندو هو ان کي به معلوم نه هوندو هو ته مون کي ڪنهن صدقو ڏنو آهي. حضرت امام زينُ العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي مبارڪ وصال کان بعد هي ظاهر ٿيو ته پاڻ فلاڻي فلاڻي گهر جو خرچو کڻندا هئا ۽ سوڌو ڏياريندا هئا، پڻ انهن جي گهروارن کي به خبر نه هئي ته انهن تي سخاوت ڪرڻ وارو ڪو ٻيو نه، بلڪ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه ئي هئا. (ابن عساکر، 383/41) اهڙيءَ طرح ”اِحياءُ العلوم“ ۾ بين بزرگن جا واقعا به آهن جيڪي زڪوات ۽ خيرات وغيره لڪائي

[1] هي سوال شعبه ملفوظاتِ اميرِ اهلسنّت جو قائم ڪيل آهي ۽ جواب اميرِ اهلسنّت جو عنايت ڪيل آهي.

ڪري غريبن کي پهچائي ڇڏيندا هئا، ۽ انهن جي گهر ۾ رَڪرائي ڇڏيندا هئا. (احياء العلوم، 290/1- احياء العلوم(مترجم)، 656/1) اڄڪلهه تہ حال هي آهي جو نيڪي گهٽ ڪندا آهيون ۽ چرچو گهڻو ڪندا آهيون. نيڪي ننڍي هوندي آهي پر ان کي نهايت وڏي نيڪي جي طور تي بيان ڪري رهيا هوندا آهيون، بلڪ ائين بہ ٿيندو آهي جيڪي نيڪي ڪندا ئي ناهن، پر بغير نيڪي جي ئي ڍيڪاءُ ڪري رهيا هوندا آهن.

**سوال:** اڄڪلهه گهرن ۾ صدقي ۽ خيرات جي ناِلي تي جيڪي ٻڪرا ۽ ڏِگا وغيره ذبح ڪيا ويندا آهن انهن جو گوشت گهر ۾ استعمال ڪري سگهون ٿا يا نہ؟ يا ڪنهن غريب کي ڏيڻو پوندو؟

**جواب:** هي عام طور تي نفلي صدقا هوندا آهن جو ٻار بيمار ٿي ويندو آهي تہ ان جو صدقو ڪيندا آهن، هي سنو ۽ نيڪ ڪم آهي. هن جو گوشت جيڪڏهن غريبن ۾ ورهايو وڃي تہ سنو آهي، پر جيڪڏهن مالدارن کي ڪارائي ڇڏيو يا پاڻ ئي کائي ڇڏيو تڏهن بہ ڪو گناهہ ناهي. عام طور صدقو ان کي ئي چيو ويندو آهي جيڪو غريبن کي ڏنو وڃي. ها! جيڪڏهن واجب صدقو آهي تہ اهو صرف غريبن جي لاءِ ئي هوندو آهي. (بحر الرائق، 427/2)(ملفوظات امير اہل سنت، 217/3)

**سوال:** ڇا مسڪين تائين صدقو پهچائڻ تي بہ اجر آهي؟ [1]

**جواب:** جي ها! فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي: بيشڪ الله پاڪ مانيءَ جي هڪ گرهہ جي يا هڪ ڪَتل يا ان جي مثل ڪنهن مسڪين کي فائدو پهچائڻ واري شيءِ جي  ڪري ٽن ماڻهن کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو: (1) اهو شخص جنهن صدقي جو حڪم ڏنو (2) گهرواريءَ جنهن ان گرهہ کي تيار ڪيو (3) اهو خادم جنهن هي

---

[1] هي سوال شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلسنّت جو قائم ڪيل آهي ۽ جواب اميرِ اهلسنّت جو عنايت ڪيل آهي.

صدقو مسڪين تائين پهچايو. تمام خوبيون الله پاڪ جي لاءِ آهن جيڪو اسان جي خادمن کي بہ محروم ناهي ڪندو. (معجم اوسط ، 89/4، حديث: 5309) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: صدقو جيتوڻيڪ 70 هٿن مان گذري تڏهن بہ آخري شخص جو اجر پهريان صدقو ڪرڻ واري جي اجر جيان هوندو.( مکارم الاخلاق للطبرانی، ص 355، حديث: 116) (ملفوظات امير اہل سنت، 388/6)

**سوال:** ڇا والدين ۽ ٻين مرحومين جي ناليءَ تي ڪپڙا يا ٿانوَ خيرات ڪري سگهجن ٿا؟

**جواب:** ڪپڙا ۽ ٿانوَ خيرات ڪري سگهو ٿا. ( فتاویٰ رضويہ، 597/9) البت اهي ئي(شيون) خيرات ڪرڻ کي فرض يا واجب نہ سمجهيو وڃي.

(ملفوظات امير اہل سنت،187/8)

**سوال:** ڇا والد پنهنجي اولاد کي صدقو ڏئي سگهي ٿو؟

**جواب:** والد پنهنجي اولاد کي زڪوات ۽ فطرو نہ ٿو ڏئي سگهي، (ردالمحتار،344/3) باقي تحفو ۽ انعام ڏئي سگهي ٿو. (ملفوظات امير اہل سنت،236/7)

**سوال:** ڇا ماڻ پنهنجي ٻار جو عقيقو ڪرڻ جي بدران ان جانور جي قيمت ڪي ڪنهن فلاحي تنظيم کي ڏئي سگهان ٿو؟

**جواب:** هن جي اجازت ملي تہ پوءِ چوندا تہ قرباني ڪرڻ جي بدران قرباني جو جانور يا ان جي رقم ڪنهن غريب کي ڏئي ڇڏيون، حج ڪرڻ جي بدران ڪنهن کي پيئسا ڏئي ڇڏيون، پوءِ مسجدون بہ نہ ٺاهيون غريبن کي ڏئي ڇڏيون، ائين نہ ٿيندو، شريعت جيڪو طريقو ٻڌايو آهي اهو ئي ڪرڻو هوندو آهي. ٻڪرو تہ اڄڪلھ ڏھ پندرهن هزار جو ايندو هوندو ان مان غريبن جو ڇا ٿيندو، گهر ۾ ڊيڪوريشن جون شيون هونديون آهن اهي ۽ بہ چار صوفا وڪڻي ڪري غريبن کي ڏيو، گهر ۾ 10 ڪمرا آهن تہ هڪ اڌ ڪمري جو حساب لڳائي ڪري غريبن جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ جيئن غريبن

جو ڪجهه نہ ٿئي. بهرحال عقيقو ڪرڻو آهي تہ ان ۾ قرباني جي جانورن جي شرطن مطابق ئي جانور ذبح ڪرڻو پوندو، تڏهن هي مستحب ادا ٿيندو، عقيقو مستحب آهي، جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪيو تہ گناهہ ناهي. (بہارِ شریعت، 3/355-357 ملتقطاً) (ملفوظات امير اہل سنت،16/7)

**سوال:** ڇا فوت ٿي ويل انسانن جي طرفان بہ صدقو ڏئي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جي ها! فوت ٿي ويل ماڻهن جي طرفان بہ صدقو ڏئي سگهجي ٿو هي انهن جي لاءِ ايصالِ ثواب هوندو جيئن والد صاحب، ڏاڏي سائين وغيره جي ايصالِ ثواب جي لاءِ صدقو ڏنو يا بارگاهِ رسالت ۾ ثواب پيش ڪرڻ جي لاءِ غريبن جي مدد ڪئي تہ هي مدد مان سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نالي تي ڪري رهيو آهيان يا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نالي تي ڪري رهيو آهيان. ۽ هن طرح ايصالِ ثواب ڪرڻ جائز آهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 205/6)

## هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ / خليفہ امير اهلسنت الحاج ابو أسَيد عُبيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الڪريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهل سنت/ خليفہ امير اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ به پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)

978-969-722-603-0
01082463

فيضانِ مدينہ، محلہ سوداگران، پراني سبزي منڈي کراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net